
CHAR SANSANI KHEZ KHOAB

# چار سنسني خيز خواب




| | |
|---|---|
| اصلاح جو راز | 1 |
| ٽڙينديون مردو | 7 |
| ٻاهه جو هار | 9 |
| پلصراط جي دهشت | 12 |
| پلصراط تان گذرڻ جو منظر | 15 |
| جُتي پائڻ جا 7 مدني گل | 17 |



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ۽ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# چار سنسني خيز خواب

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# چار سنسني خيز خواب*

شيطان کيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو، ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ فڪرِ آخرت جو انمول خزانو هٿ ايندو.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو تہ (سيئي ورد، وظيفا ۽ دعائون ڇڏي ڏيندس ۽) مان پنهنجو سمورو وقت درود خواني ۾ گذاريندس تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اهو تنهنجي فڪرن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ تنهنجا گناهہ معاف ڪيا ويندا.“ (ترمذي ج 4 ص 207 حديث 2465)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ اصلاح جو راز (فرضي حڪايت)

وليد کي پاڙي جي مسجد ۾ پهرين صف ۾ جماعت سان نماز ادا ڪندي تقريبًا هڪ هفتو گذري چڪو هو. پاڙي وارا حيران هئا تہ نيٺ ان ۾ ايتري قدر اهو انقلاب ڪيئن آيو! اصل ۾ وليد 23 سالن جو جاڻنو ۽ قداور نوجوان هو، ان جو ويڊيو ڪيسٽن جو دُڪان هو، ان جو ڪردار ڏاڍو خراب هو، ڇا گهروارا، ڇا پاڙي وارا، سيئي

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلاميءَ جي (26 صفرالمظفر سنہ 1430ھ 2009ع) ۾ ٽيڻ واري ٽي روزه سنتن ڀريي اجتماع صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان تحريري طور خدمت ۾ حاضر آهي.　　　مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ان جي شرارتن کان بيزار هئا. ان کي مسجد ۾ ڏسي ان کري بہ حيرت ٿي رهي هئي جو جمعو تہ ٺهيو پر عيد جي نماز لاءِ بہ مسجد ۾ نہ ايندو هئو. آخرڪار همّت ڪندي هڪ پاڙيسري ان عظيم مدني انقلاب تي مبارڪباد پيش ڪندي ان کان ان جي اصلاح جو راز بہ پڇي ورتو. ان تي ان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، روئندي روئندي ان ٻڌايو تہ منهنجي اصلاح جو راز هڪ ڀوائتو خواب آهي.

ڪجھ ڏينهن اڳ جي ڳالھہ آهي، رات جو معمول مطابق V.C.R تي لڙائي سان ڀرپور فلم ڏسڻ کان پوءِ پلنگ تي سمهي پيس، خبر ناهي ڇو ننڊ نہ پئي آئي. لڙائي وارا فلمي منظر منهنجي ذهن مان هٽن ئي نہ پيا، گهڻي دير تائين پاسا ورائڻ کان پوءِ ٿورو ننڊ جو جهوٽو آيو تہ مان خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويس. خواب ئي خواب ۾ سخت بخار ٿي پيو ايتري قدر جو مون کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ايتري ۾ هڪ ڊگهو خوفناڪ ڪارو ماڻهو آيو، جنهن جي جسم جا سيئي وار ڪنڊن جيان اُڀا هئا، ان جي اکين، ڪنن، ناسن ۽ وات مان باھ جا شعلا نڪري رهيا هئا! ايندي ئي ان مون کي پنهنجي فولادي هٿن سان فضا ۾ ڪٽي اڇلايو، مان هڪ ٽهڪندڙ تيل جي ديڳ ۾ وڃي ڪريس ۽ منهنجو روح نڪرڻ لڳو. انهي دؤران مون کي مختلف قسمن جي تڪليفن مان گذرڻو پيو، ڪيڏي مهل محسوس ٿئي پيو تہ تيز ڇري سان منهنجي کل لاٿي پئي وڃي تہ ڪيڏي مهل منهنجي جسم مان ڪنڊيدار ٽاريون ڏاڍي سختي سان ڇڪي ڪڍڻ جو عمل شروع ٿي رهيو هو، ڪيڏي مهل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ائين پيو لڳي ته وڏي قينچي سان منهنجي جسم جا ٽڪرا ڪيا پيا وڃن، منهنجو هر عضوو بلڪ وار وار ڪي چڻ ته ٻڏو ويو هو، نه مان چُري سگهيس پئي نه دانهن ڪري سگهيس پئي، گهٽي وقت تائين انهي درد ۽ مصيبت ۾ مبتلا رهيس، نيٺ منهنجو روح پرواز ڪري ويو! منهنجي گهر وارن روئڻ رڙڻ شروع ڪيو، هُل هنگامو ٿي ويو ته وليد جهڙي ڪنڌار جوان جو اوچتو انتقال ٿي ويو! منهنجي غُسل و ڪفن ۽ جنازي نماز جي مرحلا طئي ٿيڻ ڪان پوءِ مون کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويو. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهڙو سخت انڌيرو ان ڪان پهريان ڪڏهن نه ڏٺو هو. ماڻهو دفنائي موٽڻ لڳا ۽ مان انهن جي پيرن جو آواز ٻڌندو رهيس. ايتري ۾ قبر جون پتيون لڏڻ لڳيون، وڏن وڏن ڏندن سان قبر جون پتيون چيريندا خوفناڪ شڪلين وارا ٻه ملائڪ (منڪر نڪير) منهنجي قبر ۾ اچي ويا، انهن جو رنگ ڪارو، اکيون ڪاريون، نيريون ۽ شعله زن هيون. انهن جا ڪارا ڪارا هيبتناڪ وار مٿي ڪان پيرن تائين لڙڪي رهيا هئا، انهن مون کي جهنجهوڙيو ۽ چڙٻ ڏئي اٿاريو ۽ ڏاڍي سخت لهجي ۾ سوال پڇڻ لڳا. هاءِ! منهنجي بدنصيبي!! انهيءَ دؤران هڪ آواز آيو: انهيءَ بي نمازي کي چيپاٽي ڇڏيو! بس پوءِ ڇا ٿيڻو هو قبر جي پتين مون کي دٻائڻ شروع ڪيو ۽ منهنجون پاسراٽيون ٽٽي پاڻ ۾ ملڻ لڳيون، منهنجو ڪفن باهه جي ڪفن ۾ تبديل ڪيو ويو، منهنجي هيٺان باهه جو وڇاڻو وڇائجي ويو، انهيءَ دوران قبر ۾ منهنجي ماسات اچي وئي، ويجهو هڪ خوبصورت ڇوڪرو ٻه بينو

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

هو، اوچتو انهن جون شڪليون ڏاڍيون خوفناڪ بڻجي ويون ۽ انهن جي هٿن ۾ ڀيانڪ ڊرل مشينون لڏڻ لڳيون ۽ انهن جي سراين (Rods) مان باهہ جون چڻگون نڪرڻ لڳيون. اوچتو هڪ وڏو آواز آيو: وليد پنهنجي ماسات سان بي تڪلف هوندو هو[1] ۽ ان ڪان پنهنجي نظر جي حفاظت نہ ڪندو هو، بي ريش (بنا ڏاڙهي وارن) خوبصورت ڇوڪرن ۾ دلچسپي وٺندو هو. لذّت سان انهن کي ڏسندو هو ۽ لذّت ئي سان انهن سان ملاقات ڪندو هو. پاڻ بہ فلمون ڊراما ڏسندو هو ۽ ٻين کي بہ ڏيکاريندو هو، انهيءَ ڪي بدنگاهي ۽ شهوت پرستي جو مزو چکايو!

بس! پوءِ ڇا ٿيو جو انهن ٻنهي ڊرل مشين جون گرم سرايون منهنجي اکين ۾ وڌيون جيڪي وڏي آواز سان ڦرنديون اکين کي ڦيهينديون کوپڙي جي آرپار ٿي ويون، گڏوگڏ منهنجي هٿن ۽ جسم جي ان حصن تي بہ ڊرل مشين هلائي وئي جن سان مان شهوت کي تسڪين پهچائيندو هئس. ايڏي وڏي خوفناڪ عذاب جي باوجود بہ نہ مون تي بيهوشي طاري ٿي نہ ئي اهو نظر اچڻ بند ٿيو. اهوئي عذاب ڇا ٿورو هو وري آواز آيو: اهو گانا باجا ٻڌڻ جو شوقين هو، جڏهن بہ ڪي بہ ماڻهو لڪي ڳالهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ اهو ڪن لائي انهن جون ڳالهيون ٻڌي وٺندو هو، جيئن آواز اچڻ بند ٿيو، ڊرل مشينون منهنجي ڪنن ڏانهن وڌڻ لڳيون،

(1) ٻين نامحرم عورتن سان گڏوگڏ ماسات، سؤٽ، ماروٽ، ڦقات، سالي ۽ ڀاڄائي کان بہ پردو ڪرڻ لازم آهي. اهڙي طرح غيرمردن کان علاوه ماسڙ، ڦڦڙ، ڀيڻيوو، ڏير ۽ جيٺ کان بہ عورت کي پردو ڪرڻ لازم آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

هاءِ! پوءِ منهنجي ڪنن ۾ بہ سرائيون زور زور سان ڦرڻ لڳيون. گهڻي وقت تائين اهو دردناڪ عذاب ٿيندو رهيو، وري آواز ٻڌڻ ۾ آيو: اهو ماءُ پيءُ کي ڏڪائيندو هو، مسلمانن جي دليون ڏڪائيندو هو، ڪوڙو هو واعدو نہ نڀائيندو هو، جڏهن ڪاوڙبو هو تہ گارگند ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو، ماڻهن تي ٺٺول ڪرڻ، انهن سان مذاق ڪرڻ، چغلي هڻڻ، ماڻهن جا عيب ڪڍڻ، تاش، شطرنج، لوڊو ۽ وڊيو گيمون کيڏڻ، نشو ڪرڻ ۽ لغو اڏائڻ اهي سڀئي ان جا پسنديده ڪم هئا. ماڻهن جو حق ڦٻائڻ، ناجائز ڪمائڻ ۽ حرام کائڻ ان جو شيوو هو، اهو ڏاڙهي بہ ڪوڙائيندو هو، ان جي عذاب ۾ اضافو ڪيو! اهڙي طرح ٿوري ئي دير ۾ تمام گهڻا وِڇون ڏنگ تيار ڪيو مون ڏانهن وڌڻ لڳا ۽ منهنجي ڄاڙي جي کل ۾ داخل ٿيڻ لڳا ۽ جنهن حصي تي ڏاڙهي ٿيندي آهي ان حصي ۾ کل ۽ ماس جي وچ ۾ داخل ٿي مون کي ڏنگ هڻڻ لڳا. خوفناڪ ڪارا نانگ مون کي کائڻ لڳا، مان دنيا ۾ جن جن شين کان ڊڄندو هئس اهي سڀ (مثال طور ڪتا، سؤپيري، ڪرڙيون، ڪوئا وغيره) يڪدم مون تي حملو ڪرڻ لڳا، گڏوگڏ منهنجي قبر باهہ جي ڀني ٻڻجي وئي. ايتري ۾ ڪنهن تمام وڏي باهہ واري هٿوڙي سان مون کي زور سان ڌڪ هنيو ۽ مان بال وانگر وڃي پري ڪريس انهيءَ دؤران منهنجي اک کلي وئي! مان پنهنجي پلنگ تان هيٺ ڪريو پيو هئس، گهر وارا گهٻرائجي سجاڳ ٿيا، ڊپ وچان منهنجو جسم تمام گهڻو ڏڪي رهيو هو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڑهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

جڏهن منهنجا حواس ڪجهه بحال ٿيا ته مان روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي، ماءُ پيءُ ۽ ڀين گهروارن کي راضي ڪيو، انهيءَ رات عشاء جي نماز ادا ڪيم ۽ مون پنجئي وقت تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت نماز جو اهتمام شروع ڪيو آهي. رهيل قضا نمازون به ادا ڪري رهيو آهيان ۽ هڪ مُٺ ڏاڙهي سجائڻ جو به عهد ڪيو آهي. وڊيو جو ڪاروبار ختم ڪري ڇڏيو آهي، جن ماڻهن جا حق ڦٻايا هئا انهن سان صلح ڪيو آهي، جن جو قرض هو، ادا ڪري ڇڏيو آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مان هڪ سُني مسلمان جي حيثيت سان سنّتن پري زندگي گذاريندس. منهنجي اصلاح جو راز جنهن جنهن بي عمل مسلمان تي ظاهر ٿئي، ڪاش! ان جي لاءِ به اهو اصلاح جو سبب بڻجي وڃي.

کوچ ہاں اے بے خبر ہونے کو ہے　　کب تلک غفلت سَحَر ہونے کو ہے
باندھ لے توشہ سفر ہونے کو ہے　　ختم ہر فردِ بَشَر ہونے کو ہے
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿين بيان ٿيل دل ڏاريندڙ تصوُّراتي حڪايت تي ٿڌي دل سان غور ڪري اسان سيني کي ان مان عبرت جا مدني گل چونڊڻ گهرجن. ان مان نصيحت حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو هي به آهي ته تصوُّر ئي تصوُّر ۾ ان واقعي کي پنهنجي لاءِ تصوُّر ڪريون ۽ پوءِ پنهنجي پاڻ کي خوب ڊيڄاريون ته ڏسو هڪ ڀيرو وري مهلت ڏني وئي آهي، هاڻي سنتن پري زندگي گذارڻي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

آهي، نہ تہ واقعي جڏهن موت جو سختيون شروع ٿي ويون ان وقت اسان جي نہ ٻڌي ويندي. آه! موت جو سختيون برداشت نہ ٿي سگهنديون، موت بابت هڪ هوش وڃائيندڙ روايت پڙهو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏڄي وڃو.

## مُردو جيڪڏهن ٻڌائي تہ......

موت دنيا ۽ آخرت جي دهشتن مان وڏيڪ دهشتناڪ آهي. اهو آرن جي چيرڻ، قينچين جي ڪترڻ ۽ ديڳڙين جي ٻڙڪڻ کان بہ وڏيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي، جيڪڏهن مردو زنده ٿي موت جون سختيون ماڻهن کي ٻڌائي تہ انهن جو عيش و آرام ۽ ننڊ ختم ٿي وڃي. (شرح الصدور ص 33)

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## ﴿2﴾ تڙپندڙ مردو

هڪ ڊاڪٽر جو بيان آهي: هڪ رات مون سنسني خيز خواب ڏٺو، ننڊ دؤران مان هڪ قبر ۾ داخل ٿيس، ان ۾ مون کي تڙپندڙ مردو نظر آيو، دانهون ڪرڻ واري جيان وات کولڻ باوجود ان جي وات مان آواز نہ پئي نڪتو! گهڻي دير کان پوءِ انهي جو تڙپڻ بند ٿيو. ايتري ۾ هڪ شخص چهبڪ جهڙي چمڪندڙ تار ان جي پيشاب واري نالي جي سوراخ ۾ وڌي! جنهن جي تڪليف جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

ڪري اهو مردو وري پهريان جيان تڙپڻ لڳو. مردي جي اها تڪليف ڏيندڙ حالت ڏسي مان بي چين ٿي ان عذاب ڏيڻ واري کان پڇڻ لڳس ته ان مردي کي اهو دردناڪ عذاب ڇو پيو ڏنو وڃي؟ ان جواب ڏنو ته ”اهو دنيوي زندگي ۾ زاني هئو، هاڻي جڏهن کان مئو آهي، ان کي اهوئي عذاب ڏنو وڃي پيو.“ مون کي ان مردي تي ڏاڍو رحم پيو اچي، انهيءَ دؤران ڪنهن مون کي پڪڙي زمين تي ليٽائي، اهڙي ئي سنهي سرائي منهنجي پيشاب گاهه جي سوارخ ۾ به وڌي! مان سخت درد جي ڪري ائين تڙپڻ لڳس جيئن بنا پاڻي جي مڇي تڙپندي آهي، ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن منهنجي اک کلي ته مان سخت تڪليف ۾ هئس منهنجو بسترو آلو هو، مون کي محسوس ٿيو ته پيشاب وهي پيو آهي. پر ڏٺم ته بسترو وهاڻي سميت پگهر سان پسيل هو! مون جڏهن اٿي پيشاب ڪيو ته رت جيان ڳاڙهو هو ۽ اهو رت وانگر ڳاڙهو پيشاب ڇهن مهينن تائين جاري رهيو، ان ڪري مان بيحد ڪمزور ٿي ويس، هر طرح جي ليبارٽري ٽيسٽ، گردي مثاني جا X-Ray وغيره ڪرايا، ڪيترن ئي ڊاڪٽرن سان مشورو ڪيو پر نه بيماري جو سبب معلوم ٿيو ۽ نه وري مرض ۾ ڪا ڪمي ٿي، انهيءَ دؤران مون نوڪري مان موڪل ورتي. جڏهن هر قسم جي دوا مان اثر نه ٿيو ته پوءِ مان دعا ۽ استغفار ڪرڻ لڳس ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي انهيءَ مصيبت مان ڇوٽڪارو عطا فرمايو. هن وقت به اهو تڙپندڙ لاش ياد ايندو آهي ته خوف وچان منهنجا وار ڪاندارجي ويندا آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## باھ جو هار

ذڪر ڪيل واقعو ڪتي پڙهيو هو جنهن ڪي ڪجھ تصرّف سان بيان ڪيو آهي واقعي انهي ۾ عبرت ئي عبرت آهي. مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڊڄو! زنا ۽ ان جا لوازمات يعني اکين جي زنا، هٿن جي زنا، دل جي زنا، ذهن جي زنا ۽ هر قسم جي زنا کان سچي توبھ ڪريو.

منقول آهي: جنهن پنهنجي اکين کي حرام سان ڀريو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي اکين کي جهنم جي باھ سان ڀريندو ۽ جنهن حرام ڪيل عورت سان زنا ڪيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي ان قبر مان اجارو، روئندو غمگين ۽ ڪاري منهن سان اٿاريندو ۽ ان کي انڌيري ۾ ويهاريندو. ان جي ڳچي ۾ باھ جو هار هوندو ۽ ان جي جسم تي قطران (يعني ڏامر) جو لباس هوندو. **الله** عَزَّوَجَلَّ نہ ان سان ڪلام فرمائيندو نہ ئي ان کي پاڪ ڪندو ۽ ان جي لاءِ دردناڪ عذاب هوندو. (قرة العيون مع روض الفائق ص 388)

## زانين جو انجام

معراج واري رات، سروَرِ ڪائنات، شاھ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تنور جهڙي هڪ سوراخ وٽ پهتا تہ ان جي اندران نهاري ڏٺائون تہ ان ۾ ڪجھ اگهاڙا مرد ۽ عورتون هيون، اوچتو انهن جي هيٺان باھ جو شعلو نڪتو تہ مرد ۽ عورتون واڪا ڪري هاءِ هاءِ ڪن پيا. رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پڇڻ تي سيدنا جبرئيل امين عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: اهي زاني مرد ۽ زانيہ عورتون آهن. (مسند

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

امام احمد بن حنبل ج 7 ص 249 حديث 20115) **خاتم المرسلين، رحمة للعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن مرد مرد سان حرام ڪاري ڪري ته اهي ٻئي زاني آهن ۽ جڏهن عورت عورت سان حرام ڪاري ڪري ته اهي ٻئي زاني آهن.**

(السنن الكبريٰ ج 8 ص 406 حديث 17033)

## زاني ڪي شرمگاهه سان لٽڪايو ويندو

منقول آهي ته زبور شريف ۾ آهي: زانين کي انهن جي شرمگاهن جي ذريعي جهنم ۾ لٽڪايو ويندو ۽ لوهه جي ڪوڙن سان ڪٽيو ويندو. جڏهن ڪو زاني ان سزا کان بچڻ جي لاءِ مدد گهرندو ته ملائڪ چوندا ته تنهنجو اهو آواز ان وقت ڪٿي هو جڏهن تون کلندو هئين، خوش ٿي آڪڙبو هئين، نه **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي عظمت جو لحاظ** رکندو هئين ۽ نه ئي ان کان حيا ڪندو هئين. (كتاب الكبائر ص 55)

## ﴿3﴾ خوفناڪ شينهن

هڪ شخص خواب ڏٺو ته اهو ڪنهن جنگل ۾ وڃي رهيو آهي ايتري ۾ پنيان هلڻ جو آواز محسوس ٿيو، پوئتي جو ڏٺائين ته هڪ خوفناڪ شينهن ان جي پنيان اچي رهيو آهي، اهو گهٻرائجي ڀڄڻ لڳو، شينهن به ان جي پنيان ڀڄڻ لڳو، انهيءَ دؤران هڪ اونهو کڏو اڳيان اچي ويو، ان کڏي ۾ جهاتي پائي ڏٺائين ته ان ۾ هڪ وڏو خطرناڪ نانگ وات کوليو وينو آهي! هاڻي هي ڏاڍو ڊنو ته ڪري ته ڇا ڪري! اڳيان خطرناڪ نانگ آهي ته پنيان خوفناڪ شينهن! ايتري ۾ ان کي هڪ وڻ نظر آيو هي ان جي ٽاري سان

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

لڙڪي پيو پر وري هڪ نئين مصيبت ۾ ڦاسي پيو اها هي تہ هڪ اڇو ۽ هڪ ڪارو ڪوئو ٻئي ٽاري کي پاڙان ڪتري رهيا آهن، هاڻي هي اجا وڌيڪ گهٻرائڻ لڳو تہ جلدي اهي ٻئي ڪُوئا ٽاري ڪٽي ڇڏيندا، مان ڪري پوندس ۽ پوءِ شينهن ۽ نانگ جو کاڄ بڻجي ويندس. اجا اهو انهيءَ سوچ ويچار ۾ هو تہ ان جي نظر ماکي جي ماناري تي پئي ۽ اهو ماکي کائڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ ماکي جي لذّت ۾ ايترو تہ گم ٿي ويو جو نہ شينهن ۽ نانگ جو خوف رهيو نہ وري ڪوئن جو ڊپ. اوچتو ٽاري پاڙان ڪٽجي وئي ۽ اهو وچي هيٺ ڪريو، شينهن ان تي حملو ڪري ان کي چيري ڦاڙي کڏي ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ نانگ ان کي ڳهي ويو، پوءِ ان جي اک کلي وئي.

وہ ہے عَیش وعِشرت کا کوئی مَحَل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تُو نکل بھی یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حقيقت ۾ دنيا جا مزا خواب جي مثل آهن جيڪي ان جي رنگينين ۾ ڦاٿل آهن اهي يقيناً غفلت جي ننڊ ستل آهن، موت اچڻ تي اهي سجاڳ ٿيندا. ذڪر ڪيل مٿين خواب ۾ جنگل مان مراد دنيا آهي ۽ خوفناڪ شينهن موت آهي، جيڪو پويان پيل آهي، کڏو قبر آهي جيڪو اڳيان آهي، اهو نانگ برا عمل آهن جيڪي قبر ۾ ڏنگيندا ۽ ٻہ اڇا ۽ ڪارا ڪوئا ڏينهن ۽ رات آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

۽ اها ٿاري زندگي آهي، جنهن ڪي اهي ڪٽي رهيا آهن ۽ ماڪي جو مانارو دنيا جون فاني لذّتون آهن، جن ۾ مشغول ٿي انسان شينهن (يعني موت)، ڪڏو (يعني قبر)، نانگ (يعني برن عملن جي سزا) ۽ اڇن ڪارن ڪوئن (يعني ڏينهن رات) کي وساري ڇڏيندو آهي پر اهي ٻئي ڪوئا (يعني ڏينهن ۽ رات) گڏجي ان جي زندگي جي ٿاري کي مسلسل ڪتريندا رهندا آهن، جيئن ئي ان جي مدت پوري ٿيندي آهي، اهو موت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

حسنِ ظاہر پر اگر تُو جائے گا　　عالَمِ فانی سے دھوکا کھائے گا
یہ مُنَقَّش سانپ ہے ڈس جائے گا　　رہ نہ غافل یاد رکھ پچھتائے گا
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے　　کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## ﴿4﴾ پلصراط جي دهشت

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي هڪ ٻانهي حاضر ٿي عرض ڪيو: مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ جهنم کي دُکايو ويو آهي ۽ ان تي پلصراط کي رکيو ويو آهي، انهيءَ دؤران اُموي خليفن کي آندو ويو. سڀ کان پهريان خليفہ عبدالملڪ بن مروان کي حڪم ٿيو تہ پلصراط تان لنگهو، اهو پلصراط تي چڙهيو، پر آه! ٿوري دير ۾ دوزخ ۾ ڪِري پيو، پوءِ ان جي پٽ وليد بن عبدالملڪ کي آندو ويو، اهو بہ دوزخ ۾ وڃي ڪِريو، ان کان پوءِ سليمان بن عبدالملڪ کي حاضر ڪيو ويو ۽ اهو بہ اهڙي طرح دوزخ ۾ ڪِريو. انهن سيني کان پوءِ امير المؤمنين! اوهان کي آندو ويو، بس اهو ٻڌڻ سان حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

خوف وچان دانهن ڪئي ۽ زمين تي ڪري پيا. ٻانهي چيو: اميرالمؤمنين! ٻڌو تہ سهي، خدا جو قسم! مون ڏٺو تہ اوهان سلامتي سان پلصراط پار ڪري ويا آهيو، پر حضرت سيّدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ پلصراط جي دهشت ڪان بيهوش ٿي چڪا هئا ۽ انهيءَ عالم ۾ تڙپي رهيا هئا. (احياءُ العلوم ج 4 ص 231)

## پلصراط تلوار ڪان وڌيڪ تکي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حالانڪ نبي ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي شخص جو خواب شريعت ۾ حُجَّت ناهي، پوءِ بہ اوهان ڏٺو تہ حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ پلصراط تان گذرڻ جي معاملي ۾ ڪيتري قدر حسّاس هئا. واقعي پلصراط جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي. پلصراط وار ڪان سنهي ۽ تلوار ڪان وڌيڪ تکي آهي ۽ اها جهنم جي مٿان رکيل هوندي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهو ڏاڍو تشويشناڪ مرحلو آهي، هر ڪنهن کي انهي تان گذرڻو پوندو.

## صحابي جو روئڻ

پلصراط جو مرحلو آسان ناهي، اسان جا اسلاف ان معاملي ۾ ڏاڍا فڪرمند ۽ غمگين رهندا هئا. حضرت سيدنا علّامہ جلالُ الدين سُيُوطِي شافِعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدنا عبداللّٰه بن رَواحہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي هڪ ڀيري روئندي ڏسي ان جي گهرواريءَ عرض ڪيو: اوهان کي ڪهڙي ڳالھ روئاريو آهي؟ فرمايائون: مون کي (16 سيپاري سوره مريم ۾ وارد ٿيل) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان ياد اچي ويو آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ **ترجموڪنزالايمان:** ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نہ ٿئي.

اهو تہ ڄاڻي ورتو تہ مون کي ان ۾ داخل ٿيڻو آهي پر اها خبر ناهي تہ مان ان کان نجات بہ حاصل ڪري سگهندس يا نہ.

(المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 631 حديث 8748، التخويف من النار ص 249)

## وَارِدُها مان مراد

صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ مرحبا! سوره مريم جي آيت نمبر 71 ۾ لفظ، ”وارِدُها“ (يعني دوزخ تان گذرڻ جي باري ۾) حضرت سيدتنا حفصہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ حضرت سيدنا عبدالله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وغيره جي خيال ۾ ڳالهہ هي هئي تہ قرآن ڪريم جي انهن لفظن ۾ ”وَارِدُها“ جي معنيٰ داخِلُها (يعني دوزخ جي باري ۾ داخل ٿيڻ) آهي.

(مرقاة المفاتيح ج 10 ص 599 تحت الحديث 6227، التخويف من النار ص 249، البدور السّافره ص 338)

## پلصراط پندرهن هزار سالن جي راهہ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان تي رحم فرمائي، پلصراط جو سفر ڏاڍو ڏکو آهي. حضرت سيدنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي: پلصراط جو سفر پندرهن هزار سالن جي واٽ جيترو آهي، پنج هزار سال مٿي چڙهڻ جو، پنج هزار سال هيٺ لهڻ جو ۽ پنج هزار سال برابر جو. پلصراط وار کان وڌيڪ سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي آهي ۽ اها جهنم جي مٿان ٺهيل آهي ان تان اهو لنگهي سگهندو جيڪو خوف خدا عَزَّوَجَلَّ جي ڪري ڪمزور ۽ هيڻو هوندو.

(البدور السافره ص 344)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# پلصراط تان گذرڻ جو منظر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تصوُّر ڪريو! ان وقت ڪهڙو حال هوندو جڏهن قيامت جي ميدان ۾ سج سوا ميل تان باهه وسائي رهيو هوندو، ميجا ٻڙڪي رهيا هوندا، سينا ڦاٽي پوندا، دل اُبري ڳلي تائين اچي ويا هوندا. اهڙي دردناڪ حالات ۾ پلصراط تان گذرڻ جو مرحلو آڏو هوندو. ان تان گذرڻ لاءِ دنيوي طاقتور ۽ باڪسر، باهمت نوجوان ۽ پهلوان، تيز ۽ وڏي رفتار وارو، خلاباز ۽ ڪراٽي باز ۽ تازي تواني طاقتور هئڻ جي ڪا ضرورت ناهي بلڪ حضرت سيدنا فضيل بن عياض رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي فرمان عافيت نشان جي مطابق خوف خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب ڪمزور ۽ هيٺو رهڻ وارو پلصراط آساني سان پار ڪري ويندو.

# هر هڪ پلصراط تان گذرندو

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتُنا حفصه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان مروي آهي ته حضور اڪرم، نور مجسم، شاهه بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون کي اميد آهي ته جيڪي غزوه بدر ۽ حُدَيبِيه ۾ حاضر هئا اهي باهه ۾ داخل نه ٿيندا. مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا الله تعاليٰ هي ناهي فرمايو:

وَ اِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ۚ﴿۷۱﴾ (پ ١٦ مريم ٧١)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نه ٿئي توهان جي رب جي ذمي تي ضرور هي مقرر ڪيل ڳالهه آهي.

پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو، ڇا تو ناهي ٻڌو:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ثُمَّ نُنَجِّي الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّنَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾

(پ ١٦ مريم ٧٢)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان پرهيزگارن کي بچائي وٺنداسين ۽ ظالمن کي ان ۾ چڙهي ڏينداسين گوڏن ڀر ڪريل

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 508 حديث 4281)

## مجرم جهنم ۾ ڪري پوندا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان روايت مان معلوم ٿيو تہ هر هڪ کي دوزخ تان گذرڻو پوندو. خوف خدا رکڻ وارن مؤمنن کي بچايو ويندو، مجرم ۽ ظالم جهنم ۾ ڪري پوندا. آهہ! آهہ! ڏاڍو ڏکيو معاملو آهي، هاءِ! پوءِ بہ اسان غفلت جي ننڊ مان سجاڳ نٿا ٿيون.

دل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا — مغلوب شہا نفسِ بدکار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے — غفلت سے مگر دل کیوں بیدار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی — پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا
اے رب کے حبیب آؤ اے میرے طبیب آؤ
اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

# ”چل مدينه“ جي سُنتن اڪرن جي نسبت سان جُتي پائڻ جا 7 مدني گل

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جُتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جتي پائي رکندو آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي ونو ته جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي ته ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي ته کاٻي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) **نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ **داخل** ٿيڻ وقت حڪم هي آهي ته پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري ته پهرين کاٻو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو ته پهرين کاٻو پير ڪڍي ڪري جتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو ته کاٻو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو پائي ونو. (نزهة القاري ج 5 ص 530) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا **جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مرداڻي (وضع واري) عورت تي لعنت فرمائي آهي.** (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) **صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي امجد علي اعظمي** عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي **فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ** (يعني نقل ڪرڻ) **جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي.** (بهار شريعت حصو 16 ص 65) **﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو ﴿7﴾** (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) **اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. "دولت بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي.** (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 596) **استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي تہ ان کي سڌي ڪريو.**

**هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.**

سيکھنے سنّتيں قافلے ميں چلو ہوں گی حل مشکليں قافلے ميں چلو
لوٹنے رحمتيں قافلے ميں چلو پاؤگے بَرَکتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

# ٻار ٻي ماڙ تان ڪري پيو!

ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ انوکي مدني بهار اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو: باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ محرم الحرام سنہ 1425ھ ۾ منهنجي ڀاڻيجي جا پيءُ عاشقان رسول سان 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر تي هئا. انهيءَ دؤران ان جو 2 سالن جو مدني مُنّو گهر جي ٻي منزل تان هيٺ ڪريو. محلي وارا گهٻرائجي ڊوڙي آيا جو ايتري بلندي تان ڪرڻ وارو ٻار ڪٿي زنده بچندو، پر ماڻهن جي حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن اهو مدني مُنّو روئندو صحيح سلامت اُٿي بيٺو آهي! جڏهن مدني مُنّي جو والد قافلي کان موٽي آيو ۽ پنهنجي مدني مُنّي کي بالڪل نيڪ ناڪ ڏٺائين تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪريو ادا ڪيائين. ان جو اهو ذهن بڻيو تہ اها سڀ مدني قافلي جي برڪت آهي جو اهڙو زنده ڪرشمو ڏسڻ ۾ آيو. پوءِ انهن انهيءَ وقت اها نيّت ڪئي تہ ان شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ 12 مهيني ۾ 12 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.

ربّ حفاظت کرے اور کفایت کرے　　توکُّل کریں قافلے میں چلو
حادِثہ ہو کوئی عارِضہ ہو کوئی　　سب سلامت رہیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! راهِ خدا جي مسافرن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪنهن کي اڪيلو ناهي ڇڏيندي. اللّٰه ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي قدرت تمام عظيم آهي. ٻي ماڙ تان ڪرندڙ ٻار جو اهڙي طرح سلامت رهڻ قدرت جو ڪرشمو آهي. اڇو! انهيءَ کان ٻہ

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

وڌيڪ حيرت انگيز حڪايت ملاحظہ فرمايو:

## قبر ڪان ٻار زنده نڪتو!!

هڪ شخص اميرالمؤمنين حضرتِ سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي خدمت بابرڪت ۾ پنهنجي پٽ سان گڏجي آيو. پٽ جي صورت پنهنجي پيءُ سان ملندڙ جلندڙ هئي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن کي ڏسي فرمايو: مان انهن پيءُ پٽن ۾ جيتري قدر مشابهت ڏٺي آهي انهيءَ ڪان پهريان ڪنهن ٻئي ۾ ناهي ڏٺي. والد عرض ڪيو: جناب عالي! انهي ٻار جو واقعو نهايت ئي عجيب و غريب آهي، اهو هن طرح تہ مان سفر تي وڃڻ لڳس تہ اهو ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ هو، گهرواريءَ چيو: تون ان کي ڪنهن جي حوالي ڪري وڃي رهيو آهين؟ مون چيو: مان انهيءَ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو، جڏهن سفر ڪان موٽي آيس تہ گهر کي بند پيل ڏٺم. جڏهن معلوم ڪيو تہ خبر پئي گهرواريءَ جو انتقال ٿي چڪو آهي، مان فاتحہ پڙهڻ ان جي قبر تي ويس تہ هڪ روشن شعلو ان جي قبر تي ڏٺم، مون سوچيو گهرواريءَ تہ نيڪ هئي اهو شعلو ڇا جو؟ مان ضرور کوٽي ڏسندس. جڏهن قبر کوٽي، ڪٽي جو ڏسان تہ ان ۾ چند جهڙو مدني مُنو موجود آهي جيڪو مئل ماءُ جي ويجهو کيڏي رهيو آهي! غيب مان آواز آيو: هي اهو ٻار آهي جنهن کي تو سفر تي وڃڻ وقت اسان جي حوالي ڪيو هو، وٺ پنهنجي امانت سنڀال، جيڪڏهن گهرواريءَ بہ اسان جي حوالي ڪري وڃين ها تہ اها بہ توکي ملي وڃي ها. (فتوحات الربّانية)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# فهرست



| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | صحابي جو روئڻ | 13 |
| ﴿1﴾ اصلاح جو راز (فرضي حڪايت) | 1 | وَارِدُها مان مراد | 14 |
| مُردو جيڪڏهن ٻڌائي ته...... | 7 | پلصراط پندرهن هزار سالن جي راهه آهي | 14 |
| ﴿2﴾ تڙپندڙ مردو | 7 | پلصراط تان گذرڻ جو منظر | 15 |
| باهه جو هار | 9 | هر هڪ پلصراط تان گذرندو | 15 |
| زانين جو انجام | 9 | مجرم جهنم ۾ ڪري پوندا | 16 |
| زاني کي شرمگاهه سان لٽڪايو ويندو | 10 | جُتي پائڻ جا 7 مدني گل | 17 |
| ﴿3﴾ خوفناڪ شينهن | 10 | ٻار ٻي ماڙ تان ڪري پيو! | 19 |
| ﴿4﴾ پلصراط جي دهشت | 12 | قبر کان ٻار زنده نڪتو!! | 20 |
| پلصراط تلوار کان وڌيڪ تکي آهي | 13 | فهرست | 21 |



# ماخذ و مراجع



| ڪتاب جو نالو | مطبوعه | ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي | مشكوٰة المصابيح | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخاري | دار الكتب العلمية بيروت | نزهة القاري | فريد بك استال لاهور |
| سنن ترمذي | دارالفكر بيروت | مرقاة المفاتيح | دار المعرفة بيروت |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | احياءُ العلوم | دار صادر بيروت |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | البدور السافرة | موسسة الكتب الثقافيه |
| السنن الكبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت | كتاب الكبائر | دارالمكتبة الحياة |
| المستدرك للحاكم | دار المعرفة بيروت | بهار شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |



**هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو ، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو ، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو .

